محمد ارشد بلوچ



منهنجو پيارو ڏاڏا سائين

(ساروڻيون)

دنياءَ علم و دانش لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو لاڏاڻو هڪ عظيم سانحو شمار ٿئي ٿو، پر منهنجي لاءِ ڏاڏا سائين جي وفات قيامتِ صغريٰ کان گهٽ نه آهي. ڏاڏا سائين جن جي مون سان مسلسل 8 سالن کان وٺي هڪ ”منفرد“ اُنسيت، قربت، محبت ۽ شفقت رهي ۽ اهي سال منهنجي زندگيءَ جا بهترين سال شمار ڪري سگهجن ٿا، جنهن جو فيصلو قدرت طرفان ٿيل هو. هي انهن ئي ڏينهن جو ذڪر آهي، جڏهن اسان جي ننڍي ڏاڏي صاحبه جن آڪٽوبر 2003ع ۾ هن فاني دنيا مان رحلت فرمائي ۽ مون محسوس ڪيو ته بابا سائين (ڏاڏا سائين) ڪي سندن اڪثر و بيشتر ٻاهر رهڻ جي ڪري (علمي ادبي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ۽ تحقيقي ڪم جي سلسلي ۾ مختلف ماڳن ڏانهن سفر) گهر ۾ ٻه اهڙو ڪو فيملي جو ميمبر ڪونه هو جو سندن غير حاضريءَ ۾ لائبريريءَ جي سارسنڀال ڪري سگهي ۽ گهر ۽ آفيس جي ٻه پرگهور لهي سگهي.

هڪ ڏينهن شام جو گهر جي لان ۾ بابا سائين ۽ منهنجي پياري پڦي حميده بلوچ صاحبه سان ڪچهري ۾ ويٺل هئاسين ته بابا سائين مون کي اوچتو مخاطب ٿيندي چيو ته: ”بابا ارشد، يونيورسٽي مان اچڻ کان پوءِ توهان جي ڪهڙي مصروفيت هوندي آهي؟“

مون بابا کي مؤدبانه انداز ۾ وراڻيو ته: ”بابا سائين يونيورسٽيءَ کان پوءِ اڪثر واندڪائي رهندي آهي.“

جنهن تي بابا سائين مسڪرائيندي مون کي چيو ته: ”بابا، منهنجا ڪجهه ضروري ڪم ڪار هوندا آهن، جن ۾ انيڪ سرگرميون شامل آهن، مثلاً منهنجي لائبريري مان ڪتاب ڳولي ڪڍي اچڻ، علامه آءِ. آءِ قاضي چيئر واري آفيس ڏي منهنجا ڊرافٽ ٿيل ليٽر کڻي وڃڻ ۽ وري رڌڻي جي واحد اسٽاف (سانوڻ لغاري) کي Menu جي هدايت ڏيڻ ۽ مهمانن جي آڌرڀاءُ ۽ خاطر تواضع ۽ رهائش جو انتظام ڪرڻ ۽ ان کان سواءِ گهر جي لان کي سنڀالڻ جي ذميواري اڄ کان پوءِ توهان سنڀاليو ته ڪيڏو سُٺو؟“

مون بابا سائين کي نيازمنديءَ سان ها ۾ جواب ڏنو. اُن وقت منهنجي ڄمار 20 سال کن هئي، ۽ اُن وقت بابا سائينءَ جي عمر لڳ ڀڳ 87 سال هئي ۽ بابا سائين هڪ واڪنگ اِسٽڪ استعمال ڪندا هئا ۽ سندن صحت عمومي طرح نارمل هئي. ان گفتگو دوران پڦي حميده صاحبه خاموشيءَ سان سڄي گفتگو

ٻڌنديون رهيون ۽ جڏهن گفتگو ختم ٿي، تڏهن چيائون ته: ”بابا سائين انهيءَ کان وڌيڪ ارشد لاءِ ڪهڙي خوشقسمتي ٿي سگهي ٿي، جو هو توهان سان گڏ رهي ۽ توهان جي خدمت ڪري.“
ان کان پوءِ اسان گڏجي چانهه پيتي ۽ پوءِ آءٌ بابا سائينءَ کي ٻئي ڏينهن يونيورسٽي کان پوءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو چئي پنهنجي گهر روانو ٿيس.
ٻئي ڏينهن کان پوءِ باقاعدي مون بابا سائينءَ وٽ يونيورسٽي کان پوءِ تقريباً شام جو 6 بجي ڌاري حاضر ٿيڻ شروع ڪيو. منهنجو گهر بابا سائين جن جي گهر جوئي هڪ حصو هو ۽ وچان هڪ پارٽيشن وال هئي.
بابا سائين وٽ جڏهن پهرئين ڏينهن سندن حڪم جي تعميل مطابق حاضر ٿيس ته بابا سائين معمول مطابق ورانڊي ۾ سندن مخصوص نشست (هڪ ڪلاسڪ ڊيزائن جو صوفه) تي هميشه وانگي ويٺل هئا. آءٌ سلام ڪري جڏهن بيٺو هوس ته بابا سائين پنهنجي ڪم ۾ ايترو ته محوَ هئا جو هنن منهنجو آواز نه ٻڌو. پوءِ وري مون ٿورڙو ٻيهر سلام ڪيو، جنهن تي پاڻ مون ڏانهن يڪدم متوجهه ٿي مشڪي چيائون ته: ”
بابا ارشد آيا آهيو.“ ان کان پوءِ آءٌ سندن ساڄي طرف رکيل سنگل صوفا تي ويهي رهيس ۽ وري بابا سائين ساڳئي انداز سان پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويا. سامهون رکيل ٽيبل ۽ ٻيا صوفه

سڀ ڪتابن سان پريا پيا هئا. ان دوران آءٌ تقريباً اڌ ڪلاڪ ڪن مسلسل بابا سائينءَ کي ٽڪ ٻڌي ڏسندو رهيس ۽ حيران به ٿيندو رهيس ته ڪيڏي نه ٿيان سان پاڻ ڪنهن ڪاغذ تي ڪجهه لکيائون پئي ۽ سندن ذهني توانائي پوريءَ طرح پنهنجي قلم ۽ ڪاغذ تي مرڪوز رهي. جڏهن پنهنجي علمي ڪم کان فارغ ٿيا، تڏهن مون ڏي متوجهه ٿي چيائون ته بابا سانوڻ (بورچي) کي چئو ته پنهنجي لاءِ چانهه کڻي اچي.

ڪجهه دير کان پوءِ سانوڻ چانهه جا ٻه ڪوپ ٽري ۾ کڻي اچي ٽيبل تي رکيا.

پوءِ بابا سائين سانوڻ کي چيو ته ڪمري مان ماڪيءَ جو شيشو ۽ ميري بسڪوٽن جو پئڪيٽ کڻي اچ. بابا سائين پنهنجي چانهه ۾ ماڪيءَ جا ٻه چمچا وڌا ۽ بسڪوٽ چانهه ۾ ٻوڙي پاڻ به کاڌائون ۽ مون کي به ڏنائون. ان کان پوءِ بابا سائينءَ مون کي چيو ته، بابا پينگهي جي پر ۾ رکيل اچا واڪنگ شوز کڻي اچ، مون فوراً شوز کڻي اچي بابا سائين جي پيرن وٽ رکيا. پوءِ بابا سائين شوز پائي چيو ته هاڻ هلو ته ٻاهر هلي واڪ ڪريون. پوءِ اسان گهران نڪري اتي ئي اولڊ ڪئمپس واري ڪالوني ۾ رستي تي واڪ دوران مون کي ڏهن پندرهن منٽن کان پوءِ چوندا هئا، ته اوهان وڃي پنهنجو ڪم ڪريو ۽ آءٌ واڪ ڪري گهر اچي ويندس. انهيءَ مرحلي تي آءٌ بابا سائينءَ کان موڪلائيندو هوس ۽ بابا سائين جن پنهنجي هڪ ڪلاڪ

واري واڪ جاري رکندا هئا. ڪڏهن ائين به ٿيندو هو ته بابا سائين ڪالونيءَ مان ٻاهر نڪري روڊ ڪراس ڪري سيشن ڪورٽ جي پويان بمبئي بيڪريءَ تائين واڪ ڪندا ويندا هئا ۽ اتي ڏهن منٽن جي وقفن سان واڪ ڪري گهر موٽي ايندا هئا. بابا سائينءَ جي زندگيءَ جا اهي معمول آخر تائين بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهيا. آخري ٽن سالن ۾ بابا سائين هڪ هٿ ۾ واڪنگ اسٽڪ کڻندا هئا ۽ ٻيو هٿ مون کي ڏئي واڪ ڪندا هُئا.

بابا سائين هڪ متحرڪ (Dynamic) شخصيت جا مالڪ هئا ۽ فارسي مقولي ”از تو (ما) حرڪت از خدا برڪت“ (يعني چرپر ۾ فائدو آهي، تون چر پر ڪندين ته الله برڪت ڪندو.) جا قائل هئا ۽ چاهيندا هئا ته دوستن يارن ماڻن، مڪانن، سگهڙن سان ڪچهريون ۽ جهرجهنگ، جبل پهاڙ، نديون نالا، ٿر بر، ڪوهستان، ڪاڇي جا سفر ڪري ”سنڌ“ جو عميق مطالعو ڪجي ۽ ان کان پوءِ پاڻ اُهي سمورا اپياسي احوال پنهنجي سلسليوار ڪتاب ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ ۾ هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيندا هئا.

اُن مقصد لاءِ بابا سائينءَ وٽ هڪ موٽر ڪار شروع کان ئي استعمال ۾ هُئي پر هڪ ڪُل- وقتي ڊرائيور جي سهولت نه هئڻ ڪري هڪ ڏينهن مون کي شام جي چانهه پيئندي چيائون ته ”بابا، ڇا اوهان کي موٽر ڪار هلائڻ ايندي آهي؟“

مون جواب ۾ وراڻيو ته ”نه، بابا سائين مون کي موٽر ڪار هلائڻ نٿي اچي.“

پوءِ مون کي چيائون ته اندران وجي ڪارڊ ليس فون کڻي اچ ته تنهنجي والد کي چوان ته هو تنهنجو استاد ٿئي ۽ توکي گاڏي هلائڻ سيکاري ۽ پوءِ منهنجي والد فون تي بابا سائينءَ کي هائو ڪئي ۽ چيائين ته بابا سائين سڀاڻي کان ئي ارشد کي پنهنجي شاگرديءَ ۾ آڻيان ٿو. ٻئي ڏينهن صبح جو 6 وڳي کان 7 وڳي تائين والد صاحب سان گڏ گاڏي سکڻ لاءِ ويندو هوس. تقريباً 15 ڏينهن ڪافي گاڏي هلائڻ سکي ويس. پوءِ هڪ ڏينهن شام جو مون کي چيائون ته تون مون واري گاڏي تي پنهنجي ڦڦي صاحبه جي گهر قاسم آباد وٺي هل ۽ مون الله توهار ڪري، پهريون ڀيرو بابا سائينءَ کي گاڏي ۾ ويهاريو آهسته آهسته گاڏي هلائي ۽ ڦڦي صاحبه جي گهر پهتس. ان ڏينهن کان پوءِ اهو منهنجو روز جو معمول بڻجي ويو.

شام جو پهريائين بمبئي بيڪريءَ وٽ ٿن وقفن سان بابا سائينءَ کي واڪ ڪرائي پوءِ ڦڦي صاحبه جي گهر وٺي ويندو هوس ۽ بابا سائين پنهنجي نياڻي، ناني ڏهٽن ۽ ڏهٽين سان ڪچهري ڪري فرحت محسوس ڪندا هئا ۽ رات جي ماني کائڻ کان پوءِ واپس اولڊ ڪئمپس واري گهر ۾ ايندا هئاسين. ان کان پوءِ بابا سائينءَ کي دوائون وغيره کارائي اجازت وٺڻ جي ڪندو هوس ۽ بابا سائين آرامي ٿيندا هئا.

اهڙيءَ طرح بابا سائينءَ سان سال کن ۾ ايتري ته انسيت ۽ قربت وڌي وئي جو آءٌ گهر ۾ ساڻس گڏ رهڻ لڳس ۽ گهر ۾ 2 ڪمرا منهنجي حوالي رهڻ لاءِ ڪيائون.
2006ع ۾ جڏهن مون ايم. اي ايڪنامڪس ۾ ڪئي. تڏهن ڪجهه عرصي کان پوءِ مون کي هڪ ڪمرشل بئنڪ ۾ نوڪري ملي وئي. جيئن ته بئنڪ جي نوڪري ۾ ٽائيم صبح 8:30 کان شام 6 بجي تائين هوندو هو. جنهن ڪري بابا سائينءَ کي آفيس ٽائيم کان پوءِ وقت ڏئي سگهندو هوس. جنهن ڪري بابا سائينءَ کي ڪنهن ميٽنگ يا ڪنهن سماجي پروگرام ۾ يا ڪنهن ادبي ميڙ ۾ مون کان سواءِ وڃڻ ۾ دقت محسوس ٿيڻ لڳي. جنهن ڪري سُتت ئي مون فيصلو ڪيو ته بابا سائينءَ جي ڪُل وقتي حاضري ڏيڻ گهرجي ۽ بابا سائين مون کي دعا ڏني ته:
”بابا جيستائين منهنجي حياتي آهي، تيستائين منهنجي خدمت ڪر، الله تعاليٰ پاڻهي تنهنجا ٻيڙا پار ڪندو.“
جنهن ڪري نوڪري کي خيرباد چئي بابا سائينءَ جي خدمت ۾ رهڻ لڳس. بابا سائينءَ جي همت افزائيءَ جي ڪري بي. ايڊ ۽ ايم. ايڊ به ڪيم. آءٌ جڏهن ڪلاس مان فارغ ٿي گهر ايندو هوس. تڏهن بابا سائين مون کان فيڪلٽي ۾ منهنجي پڙهائيءَ متعلق معلومات وٺندا هئا. انهيءَ عرصي ۾ بابا سائين لائبريري سنڀالڻ جي ذميواري به منهنجي حوالي ڪئي. لائبريريءَ ۾ وڃبو هو ته اندر پير رکڻ جي جاءِ به نه هوندي هئي. 54 ڪبٽ هئڻ جي

باوجود به ايترا ڪتاب هوندا هئا جو 4-5 ٿيلن جي مٿان ۽ هيٺان ۽ پاسن کان ڪتاب رکيل هوندا هئا. بس ايتري جڳهه ٺاهڻي پوندي هئي ته بابا سائينءَ جي ڪرسي رکي سگهان، ته جيئن بابا مون کان ڪتابن جون لسٽون ٺهرائي سگهن ۽ مون کي پٽ تي ويهڻ جي جڳهه به مشڪل ملي سگهندي هئي. پوءِ اهي ڪتاب بابا سائينءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ سنڌ آرڪائيوز ڪراچي، سينٽرل لائبريري سنڌ يونيورسٽي، ڊاڪٽر چاند بيبيءَ جي دور ۾ پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي، ڊائريڪٽر شوڪت حسين شورو جي دؤر ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي لاءِ پرنسپال ڪئپٽن (ر) ڊاڪٽر محمد يوسف شيخ صاحب کي ۽ عالي جناب محترم پير صاحب پاڳارا جن جي لائبريري درگاهه شريف پير جو ڳوٺ، سيد ضياءُ الدين شاهه درازن واري، ۽ ٻين تعليمي ادارن جي ڪتب خانن کي في سبيل الله ڏنائون. اهو ڪتابن ڏيڻ جو سلسلو بابا سائين تاحيات جاري رکيو.

جيئن ته بابا سائين جي پنهنجي وڏي نياڻي محترمه حميده بلوچ سان تمام گهڻي محبت هئي ۽ پاڻ به وڏي عمر ۽ ناچاقيءَ جي ڪري جولاءِ 2007ع ۾ پنهنجي نياڻيءَ جي گهر (قاسم آباد) رهڻ پسند ڪيائون، ان ڏينهن کان وٺي زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين آءٌ هر روز سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هوس. ڪو اهڙو

ڏينهن هوندو هو جو آءٌ ڪنهن سبب جي ڪري پهچي نه سگهندو هوس ته پاڻ انتهائي شفقت وچان چوندا هئا ته: ”بابا تون ڪيڏانهن ويو هئين، اسان سمجهيو ته تون وڃائجي ويو آهين.“ مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي سان گهڻيءَ دير تائين واڪ نه ڪري سگهندا هئا.

2007ع کان 2011ع واري عرصي ۾ منهنجي پڦي محترمه پنهنجون سڀ آسائشون ۽ مصروفيتون وساري، پنهنجي گهرواري ۽ اولاد کي هڪ پاسي ڪري فقط پنهنجي والد جي خدمت ۾ مشغول رهي ۽ بابا سائين جي زبان تي ڪنهن به قسم جي تشنگيءَ جو موقعو اچڻ نه ڏنائين. بلڪه بابا سائينءَ جي مهمانن جي خاطر تواضع به انهيءَ ساڳئي طريقي سان ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندي هئي. بابا سائينءَ جي روزمره جي استعمال هيٺ آيل شين جو خاص خيال رکندي هئي. پوري وقت تي ماني تيار ڪرڻ، دوائون کارائڻ، ڪپڙا ڌوئڻ ۽ استري ڪرڻ، ميٽنگ يا ڪنهن پروگرام ۾ شرڪت لاءِ بابا سائينءَ کي تيار ڪرڻ ۾ سندن مددگار ثابت ٿيندي هئي. بعض اوقات بابا سائين ۽ آءٌ سير و سفر يا تحقيق يا ڪنهن ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ شهر کان ٻاهر ويندا هئاسين ته بابا سائينءَ جي استعمال جون شيون هڪ بيگ ۾ رکي ڇڏيندي هئي ۽ مون کي سمجهائيندي هئي ته بابا سائينءَ جن کي جيڪڏهن ڪنهن به شيءِ جي ضرورت محسوس ٿي ته تون فوراً اها شيءِ بيگ مان ڪڍي بابا سائينءَ

جي خدمت ۾ پيش ڪجانءِ. ايتري قدر جو بابا سائينءَ جي هر وقت ۾ استعمال ٿيندڙ دوائون الڳ الڳ پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ ويڙهي اندر پرچي تي لکي ڇڏيندي هئي ته هي گوري صبح جي، هي شام جي ۽ هي رات جي کائڻ جون آهن.

بابا سائين وٽ دوستن، احبابن، تحقيق ڪندڙن جي لاءِ گهر تي 12 کان 2 تائين ۽ شام جو 5 کان 6 تائين جو وقت مقرر ٿيل هو.

بابا سائينءَ کي گهڻو ڪري آچر واري ڏينهن تي گهمائڻ لاءِ حيدرآباد کان ٻاهر ڪنهن پياري دوست ڏانهن وٺي وڃڻ جو معمول هوندو هو.

پاڻ پکين، جانورن، جبلن، وڻن، ٻوٽن، جهڙ ۽ برسات کي تمام گهڻو پسند ڪندا هئا ۽ انهن مان لطف اندوز به ٿيندا هئا. خاص ڪري ساوڻيءَ واري موسم ۾ پاڻ ٿر جو سفر سال ۾ ٻه ٽي ڀيرا ڪندا هئا.

تحقيق جي سلسلي ۾ ڪٿي به ويندا هئاسين ته مون کي گاڏي ۾ ڪجهه هدايتون به ڏيندا هئا، ته بابا جتي هلون ٿا ته انهن کي منهنجي باري ۾ ٻڌائڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي ته آءٌ ڪير آهيان ۽ ڪٿان آيو آهيان. قلم ۽ نوٽ بڪ هر وقت گڏ هوندو هو ۽ ڪابه چڱي ڳالهه دل کي وڻندي هئي يا سنڌ لاءِ فائديمند ثابت ٿئي، اها فوراً نوٽ ڪري وٺندا هئا ۽ ان جو ذڪر هر ڪنهن سان پيا ڪندا هئا. هر نئين شيءِ جي دريافت ڪرڻ جو کين گهڻو اشتياق هوندو هو.

بابا سائينءَ جي هر گفتي ۾ هڪ سبق هوندو هو. پاڻ وقت جي پابندي ڪرڻ سڀ کان وڌيڪ ضروري سمجهندا هئا ۽ مون کي وقت جي پابندي ڪرڻ جي هدايت ڪندا هئا. ڪڏهن به ننڍي يا وڏي سان تکي انداز ۾ گفتگو نه ڪيائون ۽ سڀني پنهنجن توڙي پراون سان بابا سائين، پُٽ ۽ منهنجا سائين جي لقب سان مخاطب ٿيندا هئا. هر ڪنهن جي ڳالهه غور سان ٻڌندا هئا. توڙي اها ڳالهه اڳ ۾ چو نه خبر هجي، پر پاڻ پوري دلچسپيءَ سان پيا ٻڌندا هئا.

مون کي هميشه اهو سبق ڏنائون ته رات جو سمهڻ کان اڳ اهي سڀ ڪم جيڪي ٻئي ڏينهن تي ڪرڻا آهن، پاڻ وٽ نوٽ ڪري پوءِ سمهندا ڪريو، ته جيئن ٻئي ڏينهن تي هر ڪم وقت تي ٿي سگهي ۽ ڪو ڪم رهجي نه وڃي.

مون کي هميشه ڊائري لکڻ جي تلقين ڪيائون. پاڻ مون کي ٻڌايائون ته مون کي به علامه قاضي صاحب روزمره جي لکڻ جي هدايت ڪئي هئي، جنهن مطابق 1954ع کان آءٌ ڊائري لکندو پيو اچان.

اها به هدايت ڪندا هئا ته بابا ارشد هميشه سٺو ۽ صاف سٿرو لباس پهريو.

اهو به هميشه سمجهائيندا هئا ته صرف ايترو ڳالهائجي جيترو پچيو وڃي ۽ جنهن مان توهان جو مقصد پورو ٿي سگهي ۽ ٿوري ڳالهائڻ سان ئي سڀ ڪجهه سمجهائي سگهجي ۽ بلڪل

ائين ئي بابا سائين مختصر لفظن ۾ ئي اسان ننڍن وڏن سڀني کي گهڻو ڪجهه سمجهائي ڇڏيندا هئا.
نيشنل جاگرافڪ چينل ڏاڍي چاهه سان ڏسندا هئا.
سياري جي موسم کي گهڻ پسند ڪندا هئا ۽ اونهاري واري رات مان لطف اندوز ٿيندا هئا.
مڇ ڪچهري رچائڻ ۽ مچائڻ به سندن خاص شوق هو.
سگهڙن سان ڪچهريون ۽ ڳاهن سان ڳالهيون، جهانگيئڙن ۽ سانگيئڙن جون تاتون ۽ سنڌ جي لوڪ ثقافت ۽ ڪلاسيڪ شاعري سان بي پناهه محبت ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سان بي انداز عقيدت، سندن زندگيءَ جا بنيادي پهلو هئا.
خوراڪ جي معاملي ۾ تمام سادگي پسند هئا ۽ خاص طور تي شاهي ۽ مغليه طرز جي کاڌي کي ته ويجهو به نه ويندا هئا. سندن پسنديده کاڌي ۾ ساڳ، دال، جوئر جي ماني ۽ سبزيون قابلِ ذڪر آهن. سيئل پينديون کين وڻنديون هيون.
ميون ۾ خصوصاً انب، گريپ فروٽ، صوف ۽ نارنگيون شوق سان کائيندا هئا.
لباس ۾ اڪثر اڇي شلوار ۽ شيرواني ڪالر وارو پهراڻ پهريندا هئا. بسڪيٽن ۾ ميري ۽ هول وٽ ۽ ڪيفي (Cafe) صبح جي چانهه سان کائيندا هئا ۽ آخري 4-5 سالن واري عرصي ۾ بابا سائين ناشتي کان پوءِ لسي يا ڪنهن فروٽ جو جوس پيئندا هئا.
شام جو چانهه ۾ ماکي وجهي ٿي- چار بسڪوٽ کائي واڪ

ڪرڻ لاءِ ويندا هئا ۽ پوءِ رات جي ماني کائيندا هئا. بابا سائين اڪثر رات جو اپاريل چانور ۽ دال به کائيندا هئا. ان طرح مڇيءَ سان به رغبت هئن.

آءٌ جڏهن به بابا سائينءَ سان اڪيلائيءَ ۾ ويهندو هوس ته مون سان اڪثر پنهنجي نندپڻ جون ڳالهيون ڪندا هئا. پنهنجن محسنن، استادن، رفيقن، همعصرن ۽ پيارن شاگردن جو ذڪر به ڪندا رهندا هئا.

محسنن ۾ سڀ کان اول پنهنجي استاد علامه آءِ. آءِ قاضي صاحب جي شفقتن ۽ احسانن جو ذڪر ڪندا هئا ۽ ٻڌائيندا هئا ته علامه صاحب جي مهربانين سان ئي مون کي يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ملي.

علامه عبدالعزيز ميمني (جيڪو عليگڙهه يونيورسٽيءَ ۾ سندن عربيءَ جو ماهر استاد هو) جي نگراني ۾ پاڻ ايم. اي عربي ۾ ڪرڻ کان پوءِ سندن رهنمائيءَ ۾ پي ايچ. ڊي ۾ رجسٽريشن ڪرائي هئائون ۽ تياري ۽ تحقيق جي ابتدائي مرحلن ۾ هئا ته هندستاني برطانوي حڪومت جي اسڪالرشپ تي اعليٰ تعليم لاءِ آمريڪا روانا ٿي ويا.

ٻين قابلِ ذڪر استادن ۾ نوشهري فيروز واري مدرسي هاءِ اسڪول جي پرنسپل عثمان علي انصاري ۽ الله بخش نظاماڻي جو ذڪر ۽ علم موسيقي جي پنهنجي استاد الهڏني ماڇي جي تمام گهڻي تعريف ڪندا هئا.

پنهنجن پيارن دوستن ۾ محمد اسماعيل نون (ڊپٽي ڪمشنر)، قاضي سچيڏنو (ڊپٽي ڪمشنر)، سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر، مير شاهنواز شاهلياڻي، حاجي محمد خان سويو بگهياڙ ۽ غلام محمد پٽيءَ کي گهڻو ياد ڪندا رهندا هئا.

شاگردن ۾ محمد عمر چنڊ، سيد سردار علي شاهه ذاڪر، ممتاز مرزا، اُستاد شيخ محمد اسماعيل، محمد يوسف شيخ (پرنسپال ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو)، مظهر الحق صديقي ۽ ٻيا انيڪ سعادتمند شاگرد شامل آهن، جن جا في الوقت منهنجي ذهن ۾ نالا نٿا اچن.

سنڌ جي ناميارِي عالم ۽ محقق ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب پنهنجي ”ڊاڪٽريٽ“ جي ٿيسز لاءِ ڏاڏا سائينءَ کان رهبري ورتي ۽ سومري صاحب جي فاضلانه تحقيق تي بابا سائينءَ کي وڏي خوشي هوندي هئي. سندس تقريباً سمورن علمي ڪتابن تي بابا سائين پنهنجا مهاڳ هڪ خاص پسند، شوق، اُتساهه ۽ امنگ سان لکيا ۽ کين سومري صاحب جي سعادتمنديءَ تي وڏو فخر حاصل هو.

بابا سائين جن شخصيتن کي پنهنجي دل جي قريب تصور ڪندا هئا. تن ۾ ڪن جا نالا ياد اچن ٿا: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، گل محمد عمراڻي، سيد آفتاب علي شاهه چاموٺ، دُر محمد پٺي، جهمٽ مل ڇيٺانند، عنايت بلوچ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، عابد لغاري، محمد هاشم لغاري، قاضي خادم، محمد علي ڏيپلائي، محمد

عثمان منگي، نفيس احمد ناشاد، ڊاڪٽر يعقوب مغل، غلام حسين سچاروي، مير محمد پٺاڻ، خليفو حڪيم عبدالحميد خان چانڊيو، انعام شيخ، مير محمد نظاماڻي، عبدالقادر ڪٽي، شيخ عبدالله ڪوهستاني وغيره.

بابا سائينءَ جي زندگيءَ ۾ حڪومتِ پاڪستان ۽ سنڌ سرڪار طرفان ڪيترائي اعزاز ڏئي سندن علمي ۽ ادبي حيثيت کي مڃتا ڏني ويئي ۽ انيڪ ادارا سندن نالي سان منسوب ڪيا ويا، جن مان قابلِ ذڪر:

- ڊاڪٽر اين. اي بلوچ ماڊل اسڪول ۽ ڪاليج اولڊ ڪئمپس حيدرآباد،
- سنڌي ٻوليءَ جي بااختياري اداري ۾ ڊاڪٽر اين. اي بلوچ هال،
- ڀٽ شاهه ڪلچرل سينٽر ۾ آڊيٽوريم،
- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪارنر،
- ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي جي لائبريري ۾ ڊاڪٽر اين. اي بلوچ ڪارنر.
- 2009ع ۾ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جي ذاتي ڪوشش سان، چيف سيڪريٽري سنڌ فضل الرحمان ”ڊاڪٽر اين.اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ“ جي نالي سان باضابطه هڪ ادارو قائم ڪري ڏنو، جيڪو صوبائي ”قديم نوادرات کاتي“ سان وابسته آهي. ان جي پهرئين ڊائريڪٽر

لاءِ بابا سائينءَ جي نظر انتخاب ان وقت صوبائي سيڪريٽري ۽ ناماياري اهلِ قلم ۽ دانشور گل محمد عمراڻيءَ تي پيئي، جنهن تي بابا سائين جن جي نظر شفقت ڪافي عرصي کان رهندڙ هئي. بابا سائين جي ذاتي دلچسپي ۽ شفقت جي ڪري عمراڻي صاحب جو تقرر ٿيو ۽ عمراڻي صاحب به طالب الموليٰ کان وٺي ڊاڪٽر صاحب جي علمي عظمت کان بخوبي آگاهه آهي. هن اداري ۾ ڊاڪٽر اين. اي بلوچ پرنسلٽي ميوزيم (؟) ٺاهڻ جو مرحلو آيو ته ايڊوائيزري ڪيو ويو (؟) ۽ ان کي ايڊوائيزري ڪميٽيءَ جي ميمبرن وڏي خوشيءَ سان منظور ڪري مون کي بابا سائينءَ جي نالي سان منسوب اداري ۾ خدمت ڪرڻ جو اعزاز 6-جنوري 2011ع تي بخشيو ويو.

6- اپريل 2011ع جو ڏينهن اسان جي خاندان ۽ سڄي سنڌ توڙي پاڪستان لاءِ هڪ تمام ڏکدائڪ ۽ المناڪ ڏهاڙو هو. جڏهن اوچتو بظاهر خوش و خُرم صحت مند ۽ خوش طبعيت هوندي بابا سائين هن فاني جهان مان رات جو 4 وڳي لاڏاڻو ڪري ويا.

فقط به ڏينهن اڳ 3- اپريل 2011ع تي کين تازو ”هلالِ امتياز“ ملڻ جي خوشيءَ ۾ سندن اعزاز ۾ هڪ شاندار تقريب جو اهتمام سيد آفتاب علي شاهه چاموٽ جي طرفان ”بزمِ آفتاب“ طرفان سندن بنگلي تي ڪيو ويو هو، جنهن ۾ بابا سائينءَ جي مداحن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ بابا سائينءَ جي خدمتن تي روشني وڌي.

آخر ۾ بابا سائين خاص طرح سان پنهنجي ننديڙ جون ڳالهيون تمام خوش طبعيءَ سان محفل ۾ وندبيون. دوستن ۽ گهڻ گهرن سان اها سندن زندگيءَ جي آخري يادگار علمي گڏجاڻي هئي، جنهن جو ذڪر هڪ اردو ادبي رسالي ۾ شايع ٿيل آهي، جيڪو مهراڻ جي هن شماري ۾ سنڌي ترجمي سان درج ڪيو پيو وڃي.